# سنڌ آرڊيننس نمبر XXVIII مجريہ 2001
# SINDH ORDINANCE NO.XXVIII OF 2001
# ڪڊني سينٽر پوسٽ گريجوئيٽ ٽريننگ انسٽيٽيوٽ آرڊيننس، 2001
# THE KIDNEY CENTRE POST GRADUATE TRAINING INSTITUTE ORDINANCE, 2001

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. وصفون

Definitions

3. اداري جو قيام

Establishment of institute

4. اداري جا اختيار ۽ ڪم

Powers and Functions of the Institute

5. ادارو سڀني لاءِ کليل هوندو

Institute open to all

6. تربيتي ۽ تحقيقي مرڪز جو قيام

Establishment of Training and Research Centre

7. سرپرست

Patron

8. معائنو

Visitation

9. بورڊ جي جوڙجڪ

Constitution of the Board

10. پهريون بورڊ

First Board

11. ڊين

Dean

12. اڪيڊمڪ بورڊ

Academic Board

13. ايڊمنسٽريٽر

Administrator

14. فنڊس

Funds

15. قاعدا

Rules

16. منسوخي

Repeal

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXVIII مجريه 2001

# SINDH ORDINANCE NO.XXVIII OF 2001

# ڪڊني سينٽر پوسٽ گريجوئيٽ ٽريننگ انسٽيٽيوٽ آرڊيننس، 2001

# THE KIDNEY CENTRE POST GRADUATE TRAINING INSTITUTE ORDINANCE, 2001

[8 آگسٽ 2001]

آرڊيننس جنهن ذريعي ڪڊني سينٽر ڪراچي کي ٻيهر جوڙيو ۽ ٻيهر انتظام ڪيو ۽ پوسٽ گريجوئيٽ تربيتي ادارو قائم ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته ڪڊني سينٽر ڪراچي کي ٻيهر جوڙڻ ۽ ٻيهر انتظام ڪرڻ ۽ اداري ۾ دوران پٽيل پوسٽ گريجوئيٽ تربيتي ۽ تحقيقي مرڪز جي نالي سان هڪ تربيتي ۽ تحقيقي مرڪز قائم ڪرڻ ۽ لاڳاپيل معاملن لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووينزل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووينزل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووينزل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل

سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي ڪڊني سينٽر پوسٽ گريجوئيٽ ٽريننگ انسٽيٽيوٽ آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2.هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) "اڪيڊمڪ بورڊ" مطلب اداري جو اڪيڊمڪ بورڊ؛

(b) "ايڊمنسٽريٽر" مطلب اداري جي ميڊيڪل ونگ جو ايڊمنسٽريٽر؛

(c) "بورڊ" مطلب اداري جو بورڊ آف گورنرس؛

(d) "چيئرمين" مطلب بورڊ جو چيئرمين؛

(e) "ڊين" مطلب اداري جي اڪيڊمڪ ونگ جو ڊين؛

(f) "موجود آرڊيننس" مطلب نيفرالاجي ۽ يورولاجي لاءِ دوراب پٽيل پوسٽ گريجوئيٽ تربيتي ادارو آرڊيننس، 2001؛

(g) "پهريون بورڊ" مطلب چيئرمين ۽ سمورين ڪيٽيگريز جي ميمبرن تي مشتمل بورڊ ۽ جيڪو موجود آرڊيننس جي شروعات کان اڳ فوري طور ڪڊني سينٽر جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيو هجي؛

(h) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(i) "ادارو" مطلب ڪڊني سينٽر پوسٽ گريجوئيٽ ٽريننگ انسٽيٽيوٽ؛

(j) "ڪڊني سينٽر" مطلب ڪڊني سينٽر، ڪراچي جيڪو سوسائٽيز رجسٽيشن ايڪٽ، 1860 تحت رجسٽر ٿيل باڊي ڪڊني سينٽر سوسائٽي طرفان قائم ڪيو ويو ۽ موجود آرڊيننس تحت سلسليوار پيهر جوڙيو ۽ پيهر انتظام ڪيو ويو هجي؛

(k) "ميمبر" مطلب بورڊ جو ميمبر اعزازي ميمبر سميت؛

(l) "بيان ڪيل" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(m) "قاعدا" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدا.

اداري جو قيام
Establishment of institute

3. (1) ڪڊني سينٽر باڊي ڪارپوريٽ طور ڪڊني سينٽر پوسٽ گريجوئيٽ ٽريننگ انسٽيٽيوٽ جي نالي سان پيهر جوڙيو ۽ پيهر قائم ڪيو ويو آهي، جنهن کي منقولہ ۽ غير منقولہ ٻنهي قسم جي ملڪيت حاصل ڪرڻ، رکڻ ۽ نيڪال ڪرڻ جي ٻين اختيارن سان گڏ حقيقي وارثي ۽ عام مهر حاصل هوندي ۽ اهو ان نالي سان ڪيس ڪري سگهندو ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

(2) سموريون ملڪيتون، بشمول زمين، حقن ۽ ڪنهن بہ قسم جي استعمال ڪيل، سهولتون حاصل ڪيل، قبضي ۾ ورتل، مالڪي هيٺ، ٽرسٽ ۾ شامل يا ڪڊني سينٽر جي فائدي ۾ ۽ موجود آرڊيننس جي شروعات وقت ان خلاف موجود سموريون قانوني ذميداريون ڪڊني سينٽر پوسٽ گريجوئيٽ انسٽيٽيوٽ ۾ شامل ٿي وينديون، جيئن اهو هن آرڊيننس تحت پيهر جوڙيو ويندو.

(3) موجود آرڊيننس جي شروعات کان فوري اڳ ڪڊني سينٽر ۾ خدمتون سرانجام ڏيندڙ سمورا ماڻهو جيڪڏهن

ڪنهن قانون يا انهن جي خدمت جي شرطن ۽ ضابطن جي خلاف نہ هجي تہ انهن جي اداري ڏانهن بدلي ٿي ويندي.

اداري جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the Institute

4. اداري جا اختيار ۽ ڪم هيٺين ريت هوندا:

(i) اهڙين لاڳاپيل سهولتون سان گڏ اسپتالون جوڙڻ، تعمير ڪرڻ، ٺاهڻ، انتظام ڪرڻ، سنڀالڻ ۽ هلائڻ جيئن گردن جي بيمارين ۽ ٻين لاڳاپيل بيمارين کان بچاءُ، دوا دارون ۽ علاج لاءِ ضروري هجي؛ ۽ ٻين ڳالهين سان گڏ ان ڳالهہ لاءِ گنجائش جوڙڻ تہ جيئن مفت علاج فراهم ڪري سگهجي يا غريب ۽ مستحق مريضن کي رعايتي اگهن تي علاج ڏئي سگهجي.

(ii) گردن جي بيمارين ۽ ٻين لاڳاپيل بيمارين جي علاج لاءِ تحقيق جاري رکڻ؛

(iii) گردن جي بيمارين ۽ ٻين لاڳاپيل بيمارين جي علاج جي سلسلي ۾ سيمينار، ڪانفرنسز ۽ گڏجاڻين جو انتظام ڪرڻ؛

(iv) هٿي وٺرائڻ، قائم ڪرڻ، انتظام ڪرڻ، ضابطو آڻڻ، نظرداري ڪرڻ ۽ گردن جي بيمارين ۽ ٻين لاڳاپيل بيمارين لاءِ سائنسي يا تعليمي يا تحقيقي گرانٽس، اسڪالرشپس يا قرض ڏيڻ جيئن ضروري هجي؛

(v) سائنسي اخبارن، رسالن، ڪتابن ۽ جرنلس ۾ شايع ڪرڻ، جاري ڪرڻ، ورهائڻ ۽ هلائڻ ۽ اشتهار شايع ڪرڻ، جاري ڪرڻ ۽ ورهائڻ جيئن مٿي ڄاڻايل مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ فائديمند هجي؛

(vi) گردن جي بيمارين ۽ ٻين لاڳاپيل بيمارين لاءِ ۽ انهن جي علاج لاءِ جاچ پڙتال، تحقيق، منصوبابندي ۽ ترقي

ونرائڻ ۾ همت افزائي ڪرڻ ۽ سهولت فراهم ڪرڻ؛

(vii) جاڻ ۽ ٽيڪنالاجي بابت آگاهي جي فراهمي ۽ هيلٿ سائنسز بشمول گردن جي بيمارين ۽ لاڳاپيل بيمارين جي سلسلي ۾ تدريس، تربيت ۽ تحقيق بابت گنجائشون جوڙڻ؛

(viii) ان طرفان پڙهايا ويندڙ پڙهائي جا ڪورسز بيان ڪرڻ؛

(ix) شاگردن کي داخلا ڏيڻ ۽ امتحان وٺڻ ۽ انهن کي ڪنهن يونيورسٽي يا اهڙي باڊي طرفان بيان ڪيل شرطن موجب ڊگرين، ڊپلوماز، سرٽيفڪيٽن ۽ ٻين تعليمي حيثيتن ڏيڻ لاءِ تيار ڪرڻ؛

(x) اهڙيون هدايتون جاري ڪرڻ، انهن ماڻهن لاءِ جيڪي اداري جا شاگرد نہ هجن، اهڙيءَ ريت جيئن طئي ڪيو ويو هجي؛

(xi) شاگردن طرفان ٻين يونيورسٽين ۽ ٻين سڪيا جي هنڌن تي پاس ڪيل امتحانن ۽ گذارين پڙهائي جي عرصي کي اداري جي اهڙن امتحانن ۽ پڙهائي جي عرصي برابر درجو ڏيڻ ۽ اهڙي قبوليت تان هٿ ڪڻڻ؛

(xii) يونيورسٽين ۽ ٻين عوامي اختيارين سان اهڙي طريقي ۽ ان ريت سهڪار ڪرڻ، جيئن طئي ڪيو ويو هجي؛

(xiii) تحقيق، انتظاميہ ۽ ٻين لاڳاپيل مقصدن لاءِ آساميون پيدا ڪرڻ ۽ انهن تي ماڻهو مقرر ڪرڻ؛

(xiv) بيان ڪيل شرطن موجب اعزاز، اسڪالرشپس، تمغا ۽ انعام ڏيڻ؛

(xv) تدريسي ۽ تحقيق جي ترقيءَ لاءِ تدريسي شعبا، فيڪلٽيز ۽ ٻيا سڪيا جا مرڪز قائم ڪرڻ ۽ انهن جي سار سنڀال، انتظامن ۽ انتظاميا کي يقيني بڻائڻ، جيئن طئي ڪيو ويو هجي؛

(xvi) اداري ۾ پڙهندڙ سمورن ماڻهن جي رهائشن جو ضابطو رکڻ ۽ رهائش جا هالس قائم ڪرڻ ۽ انتظام ڪرڻ ۽ هاسٽلس ۽ رهائش جي جاين جي منظوري ڏيڻ ۽ لائسنس جاري ڪرڻ؛

(xvii) اداري جي شاگردن جي نظم و ضبط جي نظرداري ڪرڻ ۽ ضابطو رکڻ ته جيئن اهڙن شاگردن جي هم نصابي سرگرمين کي همٿي ونرائي سگهجي ۽ انهن جي صحت ۽ عام ڀلائيءَ کي همٿي ونرائڻ لاءِ انتظام ڪرڻ؛

(xviii) اهڙيون فيس ۽ ٻيون چارجز طلب ڪرڻ ۽ حاصل ڪرڻ جيئن طئي ڪيو ويو هجي؛

(xix) تحقيق ۽ صلاحڪاري خدمتن لاءِ گنجائشون جوڙڻ ۽ انهن مقصدن لاءِ ٻين ادارن يا پبلڪ باڊيز سان بيان ڪيل شرطن موجب انتظامن ۾ شامل ٿيڻ؛

(xx) نيڪن ۾ داخل ٿيڻ، جاري رکڻ، تبديل ڪرڻ يا انهن کي رد ڪرڻ؛

(xxi) تحقيق ۽ ٻين ڪمن جي پرنٽنگ ۽ اشاعت جو انتظام ڪرڻ؛

(xxii) مختلف سطحن تي هيلٿ پروفيشنز جي تربيتي ٻيهڪ جي نظرداري ڪرڻ؛

(xxiii) اهڙا تدريسي عملي جا ميمبر مقرر ڪرڻ ۽ تسليم ڪرڻ جن کي پروفيسرشپ، فيلو شپ، ايسوسيئيٽ

پروفيسرشپ، اسسٽنٽ پروفيسرشپ ۽ ليڪچرر شپ ۽ ٻين اهڙين آسامين لاءِ مناسب سمجهي ۽ مقرر ڪري؛

(xxiv) اهڙا ٻيا سمورا قدم کڻڻ ۽ شيون ڪرڻ، پوءِ اهي متي ڄاڻايل اختيارن سان برابريءَ ۾ هجن يا نہ، جيئن هن اداري جا تعليمي، سکيا ۽ تحقيقي هنڌ طور وڏيڪ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست ڪئي وڃي.

**ادارو سڀني لاءِ کليل هوندو**
Institute open to all

5. ادارو سڀني ماڻهن لاءِ کليل هوندو پوءِ انهن جو تعلق ڪهڙي بہ جنس ۽ مذهب، نسل، طبقي، ذات، رنگ يا ڊوميسائيل سان هجي، جيڪي اداري طرفان آڇيل پڙهائي جي ڪورسز ۾ داخلا لاءِ قابليتي بنيادن تي اهل هجن، اهڙن ماڻهن کي فقط جنس، مذهب، نسل، طبقي، ذات، رنگ ۽ ڊوميسائيل جي بنياد تي انڪار نہ ڪيو ويندو.

**تربيتي ۽ تحقيقي مرڪز جو قيام**
Establishment of Training and Research Centre

6. ادارو هڪ تربيتي ۽ تحقيقي مرڪز قائم ڪندو جنهن کي دوراب پٽيل پوسٽ گريجوئيٽ تربيتي ۽ تحقيقي مرڪز سڏيو ويندو، جيڪو اهڙا ڪم سرانجام ڏيندو ۽ اهڙيءَ ريت جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

**سرپرست**
Patron

7. (1)سنڌ جو گورنر اداري جو سرپرست هوندو.

**معائنو**
Visitation

(2) سرپرست دوراب پٽيل پوسٽ گريجوئيٽ تربيتي ۽ تحقيقي مرڪز سان لاڳاپيل ڪنهن بہ معاملي بابت معائنو ۽ جاچ پڙتال ڪري سگهي ٿو ۽ وقت بوقت ڪنهن ماڻهو يا ماڻهو ڪان هيٺين معاملن بابت جاچ ڪري سگهي ٿو:

(a) دوراب پٽيل پوسٽ گريجوئيٽ تربيتي ۽ تحقيقي مرڪز ان جي عمارتن، ليباريٽريز ۽ ٻين سهولتن بابت؛

(b) دوراب پٽيل پوسٽ گريجوئيٽ تربيتي ۽ تحقيقي مرڪز جي هٿ هيٺ ڪنهن اداري، شعبي يا اسپتال بابت؛
(c) دوراب پٽيل پوسٽ گريجوئيٽ تربيتي ۽ تحقيقي مرڪز جي مالياتي ۽ هيومن ريسورسز جي جهجهائپ بابت؛
(d) دوراب پٽيل پوسٽ گريجوئيٽ تربيتي ۽ تحقيقي مرڪز جي تدريسي، تحقيقي، نصابي، امتحاني ۽ ٻين معاملن بابت؛
(e) دوراب پٽيل پوسٽ گريجوئيٽ تربيتي ۽ تحقيقي مرڪز سان لاڳاپيل اهڙا ٻيا معاملا جيڪي سنڌس طرفان بيان ڪيا ويا هجن.
(3) سرپرست معائني جي حوالي سان پنهنجي راين بابت ڳالهه ٻولهه ڪندو، بورڊ جي راءِ وٺڻ کانپوءِ، بورڊ طرفان کنيل قدم بابت ان کي مشورو ڏيندو.
(4) بورڊ اهڙي وقت دوران جيڪو سرپرست طرفان بيان ڪيو ويو هجي، اهڙي قدم بابت ڳالهه ٻولهه ڪندو، جيڪڏهن ڪو هجي، جيئن سنڌس طرفان کنيو ويو هجي يا جيئن معائني جي نتيجي تي قدم تجويز ڪيو ويو هو.
(5) جتي بورڊ بيان ڪيل وقت دوران سرپرست جي اطمينان لاءِ قدم کڻي ٿو اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو جيئن اهو مناسب سمجهي ۽ بورڊ اهڙين هدايتن تي عمل ڪندو.
(6) سرپرست کي ڪو به قدم کڻڻ لاءِ دوراب پٽيل پوسٽ گريجوئيٽ تربيتي ۽ تحقيقي مرڪز خلاف بشمول ان جي نالي گهٽائڻ جي، مڪمل اختيار هوندا، جيئن اهو مناسب

سمجهي.

**بورڊ جي جوڙجڪ**
**Constitution of the Board**

8. (1) اداري جا معامئنا چيئرمين ۽ ميمبرز تي مشتمل بورڊ طرفان هلايا ويندا، جيڪي پندرنهن کان گهٽ نہ هوندا ۽ ويهہ کان وڌيڪ نہ هوندا، جيئن هن آرڊيننس ۾ قاعدن موجب بورڊ جوڙيو وڃي.

(2) چيئرمين ميمبرن طرفان انهن منجهان چونڊيو ويندو.

(3) چيئرمين ٻن سالن جي عرصي لاءِ عهدو رکندو، بشرطيڪ چيئرمين کي عهدي تان ووٽن ذريعي هٽايو ويندو، جيڪي ڪل ميمبرن جي ٻن ٽياڱي تي کان گهٽ نہ هجن.

(4) چيئرمين، پنهنجو مدو پورو ٿيڻ تي ٻيهر چونڊجڻ لاءِ اهل هوندو پر ڪنهن بہ صورت ۾ ڪو ميمبر بہ ٻيرو لاڳيتو چيئرمين ٿيڻ کان وڌيڪ نہ چونڊجي سگهندو.

(5) اداري جو ڪو بہ ملازم يا ڪو شخص جيڪو اداري مان معاوضو يا اعزازي رقم حاصل ڪندو هجي اهو ميمبر ٿيڻ لاءِ اهل نہ هوندو.

**پهريون بورڊ**
**First Board**

9. جيستائين دفعہ 8 تحت بورڊ جوڙيو وڃي، پهريون بورڊ هيٺين اضافي ميمبرن سان گڏ ڪم جاري رکندو:

(i) حڪومت جو چيف سيڪريٽري يا سندس نامزد ڪيل جيڪو سرڪاري سيڪريٽري کان گهٽ نہ هجي؛

(ii) پاڪستان ميڊيڪل ۽ ڊينٽل ڪائونسل اسلام آباد جو صدر يا سيڪريٽري.

**ڊين**
**Dean**

10. (1) ڊين چيئرمين طرفان بورڊ جي مشاورت سان مقرر ڪيو ويندو، جيڪو تيستائين عهدو رکندو جيستائين بورڊ طرفان اڳواٽ هٽايو نہ وڃي، جيڪو ٽن سالن جي عرصي

تائين عهدو رکي سگهندو، اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) ڊين جو ذميواريون تعليمي ۽ تحقيقي سرگرمين تائين محدود ڪيون وينديون.

**اڪيڊمڪ بورڊ Academic Board**

11. (1) اڪيڊمڪ بورڊ ڊين ۽ ٻين ڇهه تعليمدانن ۽ لاڳاپيل ميدان جي استادن تي مشتمل هوندو جيڪي بورڊ طرفان مقرر ڪيا ويا هوندا، جيڪي اهڙيءَ شرطن ۽ ضابطن موجب خدمت سرانجام ڏيندا جيئن بورڊ طرفان وقت بوقت طئي ڪيو وڃي.

(2) اڪيڊمڪ بورڊ ڪورسز نصاب ۽ سرٽيفڪيٽن ۽ ان سلسلي ۾ لاڳاپيل معاملن سميت تعليمي معاملن لاءِ ذميوار هوندو.

**ايڊمنسٽريٽر Administrator**

12. (1) ايڊمنسٽريٽر چيئرمين طرفان بورڊ جي مشاورت سان مقرر ڪيو ويندو جيڪو جيستائين بورڊ طرفان اڳواٽ هٽايو نه وڃي، ٽن سالن جي عرصي تائين عهدو رکندو اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) ايڊمنسٽريٽر اداري جي روز مره ميڊيڪل سهولتن ۽ اسپتالن جي بورڊ طرفان جوڙيل رولز تحت هلائڻ لاءِ ذميوار هوندو.

**فنڊس Funds**

13. (1) اداري کي هڪ فنڊ هوندو جنهن ۾ چندا، ٽرسٽس، تحفا، اينڊومينٽ، گرانٽس، رقم ۽ ٻيا ڪنٽريبيوشنز رکيا ويندا.

(2) اداري جو خرچ ان جي پنهجي ڪمائي، ڪنٽريبيوشنز مخير ماڻهن طرفان چندن، لوڪل باڊيز تنظيمن، ٽرسٽس يا

بورڊ طرفان منظور ڪيل ايجنسيز جي چندن سان هلايو ويندو.

(4) اڪائونٽس ۽ ان سلسلي ۾ آڊٽ رپورٽ جو ساليانو اسٽيٽمينٽ بورڊ کي جمع ڪرايو ويندو.

قاعدا
Rules

14. (1) بورڊ هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙيندو:

بشرطيڪ پهريان قاعدا پهرين بورڊ طرفان جوڙيا ويندا.

(2) خاص طور تي ۽ شروعاتي اختيارن جي عام حيثيت سان ٽڪراءَ کانسواءِ، اهڙن قاعدن ۾ شامل هوندو:

(i) ميمبرن سميت بورڊ جي جوڙجڪ؛

(ii) ميمبرن جي آفيس جو مدو ۽ انهن جي مقرري، چونڊ يا نامزدگي يا برطرفي جو طريقو؛

(iii) چيئرمين ۽ ميمبرن جا حق ۽ مراعتون؛

(iv) بورڊ جي گڏجاڻين ۾ طريقيڪار جي پوئلڳي ڪئي ويندي ۽ اهڙين گڏجاڻين لاءِ ڪورم گهربل هوندو:

بشرطيڪ چيئرمين کي هڪ ڪاسٽنگ ووٽ حاصل هوندو.

منسوخي
Repeal

15. دوراب پٽيل پوسٽ گريجوئيٽ ٽريننگ انسٽيٽيوٽ فار نيفرالاجي اينڊ يورولاجي آرڊيننس، 2001 (2001 جو آرڊيننس IX) کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**